# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 2009

# SINDH ACT NO.I OF 2009

## سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008

## THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ACT, 2008

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No.V of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ لفظن جي ترميم
Amendment in the words of Sindh Act No.V of 1975

4. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.V of 1975

5. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 1975

6. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.V of 1975

7. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.V of 1975

8. دفعہ A_15 جي شموليت

Insertion of Section 15_A

9. حددخليون هٽائڻ وارو فورس جو قيام

Establishment of Anti_Encroachment Force

10. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ دفعہ 18 جو اضافو

Addition of Section 18 in the Sindh Act No.V of 1975

11. ٻين قانونن تي برتري رکڻ جو ايڪٽ

Act to over_ride other laws

# سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريه 2009
# SINDH ACT NO.I OF 2009
# سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008
# THE SINDH PUBLIC PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (AMENDMENT) ACT, 2008

[29 جنوري 2009]

| | |
|---|---|
| | ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي. |
| تمهيد (Preamble) | جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ |
| | ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and commencement | 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ترميم) ايڪٽ، 2008 سڏيو ويندو.<br>(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو. |
| 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم Amendment of Section 2 of | 2. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 2 ۾، شق (f) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:<br>"(f) "ڪائونسل" مطلب ڪائونسل جيئن سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ بيان ڪيل آهي."؛ |

Sindh Act No.V of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ لفظن جي ترميم
Amendment in the words of Sindh Act No.V of 1975

3.سڄي ايڪٽ ۾ لفظن "لوڪل ڪائونسل" کي لفظ "ڪائونسل" سان تبديل ڪيو ويندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of Section 3 of Sindh Act No.V of 1975

4.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ٽي ڏينهن" لاءِ لفظ "ٻہ ڏينهن" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No.V of 1975

5.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ست ڏينهن" لاءِ لفظ "ٽي ڏينهن" متبادل ٿيندا.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي

6.جاٽايل ايڪٽ جي دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ لفظن "ست ڏينهن" لاءِ لفظ "ٽي ڏينهن" متبادل ٿيندا.

دفعہ 5 جي ترميم
Amendment of Section 5 of Sindh Act No.V of 1975

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.V of 1975

7.ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 8 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

(1) ڪو شخص جيڪو حددخلي جو ذميوار هجي، ان کي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا پنجن سالن تائين وڌي سگهي ٿي پر هڪ سال کان گهٽ نہ ۽ ڏنڊ جيڪو پنج لک رپين تائين وڌي سگهي ٿو.”.

دفعہ 15_A جي شموليت
Insertion of Section 15_A

8.ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 15 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي:

حددخليون هٽائڻ واري فورس جو قيام
Establishment of Anti_ Encroachment Force

“15_A. حڪومت عوامي ملڪيت تي حددخلين کان بچاءَ لاءِ ۽ هن ايڪٽ جي گنجائشن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ، بيان ڪيل طريقي موجب حددخلين هٽائڻ وارو فورس قائم ڪري سگهي ٿي.”.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V ۾ دفعہ 18 جو اضافو

9.ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 17 کانپوءِ، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

Addition of Section 18 in the Sindh Act No.V of 1975

ٻين قانونن تي برتري رکڻ جو ايڪٽ

Act to over_ride other laws

“18. هن ايڪٽ جون گنجائشون حاوي رهڻ جو اثر رکنديون بشرطيڪ اهي ٻئي ڪنهن لاڳو قانون جي تضاد ۾ نہ هجن.”.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**